سنڌ زرعي يونيورسٽِي ٽنڊوڄام

# SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM

PUBLIC RELATIONS SECTION

## SINDHI URDU AND ENGLISH NEWS

ٽنڊوڄام(پريس رليز) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ سخت حفاظتي انتظامن تحت امتحان شروع، پهرين مرحلي ۾ ٽئين ۽ فائنل ايئر جي شاگردن کان امتحان ورتا پيا وڃن، يونيورسٽي جي فيڪلٽين ۽ امتحاني سينٽرن جي مک دروازن تي سينيٽائرز ۽ آٽو سينيٽائزر واڪ ٿرو گيٽس لڳايون ويون، امتحاني سينٽرس ۾ شاگردن کي وٿي تي ويهاريو ويو، خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جا ڪئمپس ۾ امتحان شروع ٿي ويا آهن، يونيورسٽي جي پنجن ئي فيڪلٽين، انفارميشن ٽيڪنالوجي سينٽر، انسٽيٽيوٽ آف فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالوجيز، ۽ لاڳاپيل ڪاليجز ۾ ٽئين ۽ فائنل ايئر جا امتحان شروع ٿي ويا آهن، ان سلسلي ۾ زرعي يونيورسٽي انتظاميه پاران سخت حفاظتي انتظامن ذريعي شاگردن کي مفاصلي تي بيهاري ماسڪ ۽ سينيٽائزر لڳائڻ بعد اندر ڇڏيو، جڏهن ته مک گيٽ مان شاگردن کي آٽو سينيٽائزر واڪ ٿرو گيٽس مان گذاري امتحاني سينٽرن ۾ ڇڏيي ويو، امتحاني هال ۾ شاگردن کي ڇهه فوٽ تائين وٿي تي ويهاري پيپر ورتو ويو، ٻئي طرف يونيورسٽي جي امتحاني سينٽر ۾ ميڊيڪل ٽيم پڻ مقرر ڪئي وئي، جنهن جو عملو خصوصي آلي ذريعي بخار به چيڪ ڪندو رهيو، اهڙي ريت امتحانن دوران پوليس ۽ رينجرس جي نفري به مقرر ڪئي ويئي، جن يونيورسٽي ۾ پنهنجو گشت به جاري رکيو، هوڏانهن سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ظهير الدين ميراڻي مختلف فيڪلٽين ۾ جاري امتحاني سينٽر جو جائزو ورتو، شاگردن کان انتظامن بابت پڇا ڪئي، جنهن تي شاگردن اطمينان جو اظهار ڪيو، هوڏانهن ميڊيا سان ڳالهائيندي وائيس چانسلر چيو ته هر حال ۾ ايس او پيز تي عمل ڪيو ويندو، ۽ امتحان انتهائي پرامن طريقي سان جاري آهن، شاگردن جي اڪثريت امتحاني عمل مان مطمئن آهي، هن چيو ته امتحانن جو پورو عرصو يونيورسٽي انتظاميه، سيڪيورٽي ادارا ۽ ميڊيڪل ٽيم هاءِ الرٽ رهندي، ايس او پيز جي خلاف ورزي ڪندڙن کي امتحاني سينٽر ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويندو، ان موقعي تي فيڪلٽين جا ڊين صاحبان، ڪورآڊينيٽرس، وائيس چانسلر جو تدريسي معاملن بابت صلاحڪار، شعبن جا چيئرمين، امتحانن جو ڪنٽرولر ۽ ٻيا تدريسي ۽ انتظامي سربراهه به موجود هئا.

ٹنڈوجام

سندھ زرعی یونیورسٹی ٹنڈوجام  کے امتحانات انتہائی سخت انتظامات کے تحت شروع ہوگئے ہیں، پہلے مرحلے میں تیسرے اور فائنل ایئر کے طلباء سے امتحان لئے جا رہے ہیں ، یونیورسٹی کی فیکلٹیز اور امتحانی مراکز کے مرکزی دروازے پر سینیائرز اور آٹو سینیٹائزر واک تھرو گیٹ لگائے گئے ہیں۔ سندھ زرعی یونیورسٹی ٹنڈوجام  کی پانچ کلیات ، انفارمیشن ٹکنالوجی سنٹر ، انسٹی ٹیوٹ آف فوڈ سائنسز اینڈ ٹیکنالوجیز ، اور متعلقہ کالجوں میں تیسرے اور فائنل ایئر کے امتحانات کیمپس میں شروع ہو گئے ہیں۔ اس سلسلے میں زرعی یونیورسٹی کی انتظامیہ نے طلبا کو فاصلے پر روک کرماسک اور سینیٹائزر لگانے کے بعد امتحانی مراکز میں جانے کی اجازت دی، جبکہ گیٹ سے آنے والے طلباء کو ٹیسٹ، آٹو سینیٹائزر واک تھرو گیٹ سے گذارہ گیا ، دوسری جانب یونیورسٹی کے امتحانی سینٹر میں ایک میڈیکل ٹیم بھی مقرر کی گئی تھی ، جس کا عملہ بھی کسی خاص ڈیوائس کے ذریعہ بخار کی جانچ پڑتال کی گئی۔ سندھ زرعی یونیورسٹی کے وائس چانسلر ڈاکٹر ظہیرالدین میرانی نے مختلف فیکلٹیوں میں جاری امتحانی مرکز کا جائزہ

لیا اور طلبہ سے ان انتظامات کے بارے میں معلومات لی، جس پر طلبہ نے اطمینان کا اظہار کیا۔ وائیس چانسلر نے کہا یہ امتحان انتہائی پر امن طریقے سے منعقد کئے گئے ہیں ، اور طلباء کی اکثریت امتحان کے عمل سے مطمئن ہے ، انہوں نے کہا ، امتحانات کے دوران یونیورسٹی، سیکیورٹی ایجنسیوں اور میڈیکل ٹیم ، ہائی الرٹ ، ایس او پیز کہا ایس او پیز کی خلاف ورزی کرنے والے کسی بھی شخص کو امتحانی مرکز میں داخلے کی اجازت نہیں ہوگی۔ اس موقع پر فیکلٹی ڈینز ، کوآرڈینیٹرز ، وائس چانسلر کے تعلیمی امور کے مشیر ، ڈیپارٹمنٹس چیئرمین ، کنٹرولر امتحانات اور دیگر تدریسی و انتظامی سربراہان بھی موجود تھے۔

Tandojam(Press Release) Examinations of Sindh Agriculture University Tandojam have started under on-campus mode under very strict arrangements and with suggested SOPs. In the first phase, examinations are being conducted from third and final year students, The students of five faculties of the University, Institute of Food Sciences and Technologies, Information Technology Center and affiliated colleges students participated in the examinations through 'On campus examinations mode'. In this regard, the authorities of the Sindh Agriculture University allowed the students to go to the examination centers with masks and sanitizers with a distance, while the students coming from the main entrance, passed through auto sanitizer walk-through gate, as well as a medical team was also deployed at the examination center of the university, the staff also examined the fever through a special device. Dr. Zaheeruddin Mirani, Vice Chancellor, Sindh Agriculture University, visited the examination centers in different faculties and sought information from the students about the arrangements, to which the students expressed satisfaction, Vice-Chancellor said that the examinations were conducted in a very peaceful manner and the majority of the students were satisfied with the examination process, he said that the examinations were conducted in a very peaceful manner and majority of the students were satisfied with the examination process. He warned that anyone violating the SOPs will not be allowed to enter the examination center; Faculty deans, coordinators, Academic advisor to the vice-chancellor, department chairmen, controller examinations and other academic and administrative heads were present during visit.

PRO SAU
23.11.2020